# نظم جو پاڱو

## آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون

حضرت شاهہ عبداللطيف رحمة الله عليه 1102ھ/ 1690ع ۾ ڄائو سندس پيءُ جو نالو سيد حبيب شاهہ آهي. شاهہ صاحبؒ سير سفر جو ڪوڏيو هو. راڳ سان بہ سندس گهڻي دلچسپي هئي. شاهہ سائينءَ جي ڪلام جو ڪتاب "شاهہ جو رسالو" سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم دستاويز آهي. سندس ڪلام تصوف جو رنگَ ۾ رڱيل آهي. هو "سنڌ سڪار" سان گڏ "عالم سڀ آباد ڪرين" جي دعا تو گهري. سندس ڪلام صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي.

شاهہ سائينءَ 14 صفر 1165ھ تي بمطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي. هر سال انهيءَ تاريخ تي ڀٽ شاهہ تي ميلو لڳندو آهي.

### وائي

جن جو وارث تُون، اَلا، سي ڪيئن رهندا نيڻ منهنجا،
آڳي اُڀ خلقيا، پَلي خلقيائين پُون،
جن جو وارث تُون!

جوڙيائين جهانَ ڪي، چئي ڪُن فيڪُون،
جن جو وارث تُون!

ڪوڙِي دنيا ڪُوڙا پَسارا، ڏينهن مِڙوئِي ڏُون،
جــن جــو وارث تُــون!
آهــيــون الــف آسري، مُحمّد مجيــو سُــون،
جــن جــو وارث تُــون!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- اُڀ ۽ ڀونءِ ڪنهن خلقيا آهن؟
2- هيءَ ڪُوڙي دنيا گهٽا ڏينهن آهي؟
3- اسين ڪنهن جي آسري آهيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

آڳي – اُڀ – پلي – ڀُونءِ – پسارا – ڏُون.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

آڳي – اُڀ – پلي – ڪُوڙِي.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

- جوڙيائين جهان کي، چئي ..........................
- ڪوڙي دنيا، ڪوڙا .......................... ڏينهن مڙوئي ڏُون.
- آهيون الف آسري، مُحمّد ..................................

(هه) اهڙا ضمير جيڪي ڪن اسمن ڏي اشارو ڪن ٿا، تن کي ضمير اشارو چئبو آهي؛ اُهي ٻن قسمن جا آهن: ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏُور، "هيءُ" "هِن" ضمير اشارو ويجهو لاءِ ڪم ايندا آهن. توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.